مجاهد حسين سولنگي

# سنڌي ٻوليءَ ۾ اِدغام يا سَنڌي جو استعمال


*Abstract*

**Use of Assimilation in Sindhi Language**

*Assimilation gives the knowledge of words about their pronunciation and dictation. It is used in words to alter their sound in pronunciation, for example: amb انب, gumbaz گنبذ etc. In these words the sound of “n ن”, changes into sound of “m م” due to the effect of a nasal sound of “a ا” and “b ب”, “g گ” and “b ب”. But they are be written with “n ن”. Secondly homophones are eliminated in certain words like يادداشت = داشت + ياد in a word “d د” is eliminated due to the effect of homophone “d د”. That pronunciations does not only occur in Sindhi language but also in other languages like English and Arabic etc. This shows that all the rules followed by international languages apply to Sindhi language as well, which places the Sindhi language to attain its loftiness and enhances it grandeaurity..*


**دنيا** جون سيئي ٻوليون، پوءِ اهي گهٽن ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد رکندڙ هجن يا ٿورن ماڻهن جو تعداد، پر اهي سڀ ٻوليون وقت ۽ حالتن جي اثر کان صاف ۽ پاڪ رهي نہ سگهيون آهن. گهٽي ياگهڻي سيئي ٻوليون ڪجھ پنهنجا اثر ٻين ٻولين تي ڇڏينديون ۽ ڪجھ ٻين ٻولين جا اثر، قانون، قاعدا ۽ ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي دامن ۾ آڻي، انهن کي پنهنجو ڪري ڇڏڻ جون صلاحيتون پائينديون. پاڙ تي ڌارين ٻولين جو اثر سهندي يا علائقي جي ماڻهن جي مزاج جو پورائو ڪندي، وقت سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پنهنجو سفر جاري رکنديون ٿيون اچن، پوءِ ائين ٿئي ٿو تہ ڪيتريون ئي ٻوليون دم ٻوساٽجڻ جي سبب دفن ٿي وڃن ٿيون. ٻولين جي زندھ هجڻ جو ڪارڻ وقت جي وهڪرن مان ڪجھ حاصل ڪرڻ ۽ ڪجھ ڏئي جان بچائڻ يا پنهنجي پيرن تي بيهڻ ئي هوندو آهي. ظاهر آهي تہ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ ڪجھ عالمي قانون ئي هوندا آهن، جن جي بنياد تي ٻوليون بيهي، پنهنجو مقام بلند رکندي، پنهنجا زندھ ۽ اڻ مٽ نشان پنهنجي دامن ۾ سنڀالي رکنديون آيون آهن، تنهنڪري قاعدا ۽ قانون اهڙو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پورائو آهن، جيڪي ٻولين جي لاءِ هڪ صحتمند ماحول کي جوڙڻ جو ڪارڻ بڻجي پوندا آهن. ٻوليون انهن قانونن جي آڌار تي پنهنجي بقا جو ثمر تيار ڪري وٺنديون آهن، سو سنڌي ٻوليءَ جي زندهه ۽ جاويد رهڻ لاءِ اِدغام جو اصول پڻ هڪ اهو مضبوط مورچو آهي، جنهن جي مدد سان اها پنهنجو تحفظ سهٽي نموني ڪري سگهي ٿي يعني اِدغام جو درست استعمال ٻوليءَ کي بِگاڙ يا فنا کان بچائي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، لهجي ۽ انداز جي لحاظ سان پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. تنهنڪري هن مقالي جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ اِدغام جي درست استعمال جي لحاظ کان وضاحت ڪرڻ جي ننڍڙي ڪوشش آهي. سڀ کان پهريان لفظ اِدغامُ کي واضح ڪجي ٿو، ڇاڪاڻ ته لفظي جوڙجڪ، معنيٰ ۽ وصف سان ئي ڳالهه کي سولائيءَ سان سمجهائي سگهبو آهي، ان ڪري اچو ته ادغام کي سمجهون.

- اِدغامُ = عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي ساڳي مخرج حرف سان گڏي پڙهڻ، جنهن کي سنسڪرت ۾ سَنڌي سڏجي ٿو.(1)

وڪيپيڊيا، فري انسائيڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنريءَ ۾ وصف لکيل آهي ته:

"Sandhi refers to the pitch in tones when different tones come together".(2)

۽ وري ٻئي هنڌ هن طرح وصف لکيل آهي:

Modification of sound of a word or morpheme when juxta-posed with an other, especially in fluent speech.(3)

جڏهن هڪ آواز ۾ ڳالهائڻ جي دوران تبديلي اچي يا ان آواز کي گم يا حذف ڪري ڇڏجي ته اهڙي تبديلي کي سَنڌي سڏبو آهي.

شاهه عبداللطيف سُر سهڻي ۾ اِدغام جي وصف ٻڌائي آهي. وائي جو بند آهي ته:

ڪسرت اهي قُرب ۾، اِدغام ۾ اعراب.(4)

ڊاڪٽر گربخشاڻي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته، ادغام = صوفي اصطلاح ۾ ٻن اعرابن يا حرفن جو ملي هڪ آواز ٿيڻ آهي. وائيءَ جي بند جي شرح لکندي وڌيڪ لکي ٿو ته شاهه چوي ٿو ته، جهڙي طرح ادغام جي حالت ۾ ٻه حرف يا آواز پنهنجي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هستي وڃائي هڪبئي ۾ حل ٿي وڃن ٿا، تهڙي طرح قرب حاصل ڪرڻ لاءِ نفس کي ماري مات ڪرڻ گهرجي يعني پنهنجي انفرادي حيثيت کي ختم ڪرڻ ضروري آهي، هاڻي معلوم ٿيو ته نفس وانگر ادغام ۾ حرفن يا آوازن کي ماري پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏڻو پوي ٿو.

واحد بخش شيخ، ادغام جي وصف ڄاڻائيندي لکي ٿو ته:

ٻن هم جنس يا هم مخرج حرفن کي ملائي پڙهڻ يا انهن مان هڪ کي حذف ڪرڻ کي ادغام چئبو آهي. ادغام جي معنيٰ آهي ته ٻٽو ڪرڻ يا هڪ ڪرڻ، يعني هڪ حرف کي ٻئي حرف ۾ شامل ڪرڻ.(5) ادغام جي تعريف ڪندي سيد نجف علي لکي ٿو ته:

اِدغام: عربي لفظ آهي جيڪو مُدغم ٿيڻ جي معنيٰ ڏئي ٿو، يعني ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي منجهانس يا هم مخرج حرف سان گڏي شد ڏئي پڙهڻ، ٻن آوازن جو هڪ ٿي وڃڻ.(6)

ڊاڪٽر غلام علي الانا، اِدغام يا سَنڌي جي سهڻي نموني وضاحت ڪئي آهي، پاڻ لکي ٿو ته، ”سَنڌي جي لغوي معنيٰ آهي جوڙ يا ڳنڍڻ ڪنهن به جملي يا مرڪب لفظ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پر - وس صرفيه هڪٻئي جي پويان، اهڙي نموني گڏجن، جو پهرئين لفظ يا صرفيه جو پويون صوتيو ۽ پوئين لفظ يا صرفيه جو پهريون صوتيو هڪبئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن، ته اهڙي تبديليءَ کي ماهرن سنڌي سڏيو آهي.(7)

ڊاڪٽر الانا، اڳتي ”انب“ لفظ جو مثال ڏئي وضاحت ڪئي آهي، ته انب لفظ جي پهرئين پد ۾ ”ان“ گهُٽو سر آهي، ان سر کان پوءِ، ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ٻن چپن وارو ڳرو ڌوڪٽو وينجن ”ب“ آيو آهي. هاڻي سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، ٻن چپن واري ڳري وينجن ”ب“ جي اثر سبب پهرئين پد واري چوٽي گهُٽي سر ”ان“ جي گهٽائڻ، ٻن چپن واري گهٽي وينجن ”ميم“ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ ان جو اچار ”امب“ ٿيو آهي.(8)

پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته، ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جو پويون آواز، ٻئي لفظ جي پهرئين آواز ۾ سمائجي ويندو آهي. اهڙي قسم جي هڪ ٿي وڃڻ کي اِدغام يا سنڌي سڏجي ٿو. جتوئي صاحب انگريزي جو مثال ڏيندي لکي ٿو ته،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انگريزي زبان ۾ Impossible اصل ۾ In + possible آهي ۽ Improper اصل ۾ In + proper آهي، جنهن ۾ p جي اثر سبب n، تبديل ٿي m ٿي وئي آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ اهڙا گهڻا لفظ موجود آهن، جن جا اڄ تائين متضاد اُچار آهن يا صورتخطي هڪڙي آهي ته اُچار ٻيو آهي. بهرحال دنيا جي مختلف ٻولين ۾ مڙئي هڪجهڙا مونجهارا موجود آهن، ائين نه آهي ته صرف سنڌي ٻولي مسئلن ۽ مونجهارن جي ور چڙهيل آهي ۽ ٻيون ٻوليون آزاد آهن. باقي سنڌي ٻوليءَ ۾ امپاسيبل يا امپراپر وانگر ٽي انب وغيره جو اچار "ميم" سان ٿئي ٿو. ۽ اهڙ ي نموني اسان چئي سگهون ٿا ته، سنڌيءَ ۾ انب جو اُچار "ا" ۽ "ب" جي اثر سبب "نون" "ميم" جي آواز ۾ تبديل ٿئي ٿو.(9) باقي لکڻ واري صورت ۾ اهڙن لفظن جي صورتخطي "نون" سان لکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهڙا لاتعداد لفظ آهن، جن جي صورتخطي هر ڪو ماڻهو "نون" سان لکي ٿو. جيئن سنڀال، گُنبذ، سُنب وغيره.

هاڻي اسين سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ جو نمونو ٻه انگريزي ٻوليءَ جي Assimilation جي قاعدي وانگر لکون يا نه يعني مثال "انب" کي "امب"- انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڀيري ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي صاحب سان روبرو ڪچهريءَ جو موقعو ٿيو هو سائينءَ ٻڌايو ته، انگريزي ٻوليءَ جا اهڙا لفظ جيڪي ادغام ڪري اُچار مطابق اڄ ڪلهه لکيا ٿا وڃن، تن جي صورت هاڻي تبديل ڪري بظاهر اهو مسئلو حل ڪيو ويو آهي. انهيءَ سان گڏ انگريزيءَ ۾ ٻيا به اچارن جا ئي مسئلا موجود آهن جيئن Put ۽ But وغيره ۾ "يو" جو استعمال ٿئي ٿو پر اُچار ٻنهي جو ساڳيو نه آهي. ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي جي هيٺين ڳالهه به سٺي نموني وضاحت ڪري ٿي ته، ڊاڪٽر قاسم برطانيا ۾ پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ دوران اهڙا واقعا ڏٺا ته ڪيمبرج ۽ لنڊن واري معياري انگريزي ڳالهائيندڙ مانچسٽر، ليور پول، ۽ برمنگهم وارن جي انگريزي کي صحيح انگريزي ڪونه سمجهندا هئا. ڊاڪٽر وڏيڪ لکي ٿو ته، "سائوٿ ايسٽ وارا (جتي پاڻ پڙهيو هو) وري سڄي انگلينڊ وارن جي انگريزي لهجي تي کلندا هئا."(10). مطلب ته هر ٻوليءَ لاءِ ڪي نه ڪي مسئلا ضرور آهن. باقي سنڌي ٻوليءَ ۾ اِدغام جي استعمال جي باري ۾ ڊاڪٽر ٻڌايو ته، اهڙا لفظ جن جو اُچار "ب"، "ڀ"، "پ" کان پهريان "نون" اچي ته، "ميم" سان ٿيندو ۽ اهڙا سڀئي لفظ لکبا "نون" سان. ادغام جي هن بحث کانپوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته، ادغام ٻن نمونن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ڪري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو.(1) ساڳين آوازن يا هم مخرج اکرن کي حذف ڪري ٿو مثال: ”يادداشت“. هن لفظ جي پهرئين پد ”ياد“ جي پوئين آواز ”د“ ۽ پوئين پد ”داشت“ جي پهرئين آواز ”د“ جي ساڳئي آواز هجڻ جي ڪري هڪ ”د“ حذف ٿي ياداشت لفظ جڙي ٿو.(2) * ته هن اِدغام جي قسم ۾ ڪنهن لفظ جي پهرئين ۽ پوئين آواز جي اثر سبب ”نون“ هڪ نئون ”ميم“ جو آواز پيدا ڪري ٿو. مثال: ”ڪنپ“ لفظ ۾ پهرئين اکر ”ڪ“ ۾ پوئين اکر ”پ“ جي اثر سبب ”نون“ ”ميم“ جو آواز ڏئي ٿو. اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ موجود آهن، جيڪي ٻنهي طريقن سان اِدغام جو روپ وٺي استعمال ٿين ٿا. * پوئين قسم جي اِدغام جي شاهدي قرآن مجيد جي صورتخطي پڻ ڏئي ٿي. قرآن مجيد ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن مثال: سوره نمل جي آيت نمبر 60 ”تنبئو“، ”فانبئنا“ ۽ سوره مومنون آيت نمبر 20 ”تنبت“ وغيره جا لفظ موجود آهن، جن جي مٿان ننڍڙو ”ميم“ ڏنل هوندو آهي، جيڪو صرف رهنمائي ڪندو آهي ته انهن لفظن جو اُچار ”ميم“ سان ڪري پڙهڻ گهرجي، باقي ٻيو ڪو به مقصد نه هوندو آهي. ساڳئي نموني سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ڪنپ، انب، ٿنپ، قنبر“ وغيره جا اُچار ”ميم“ سان ٿيندا ۽ انهن جي صورتخطي ”نون“ سان لکبي. سنڌي ٻوليءَ جي مستند ڪتابن ۾ به ڪئي نمبر سنڌي يا ادغام جي درست صورت لکيل نه آهي. جيتوڻيڪ مٿي پيش ڪيل انب جي مثال وانگر انهن لفظ ۾ ”ب“ ٻن چپن واري گُهٽي سُر جي اثر سبب انهن جا آواز ”ميم“ ٻن چپن واري گُهٽي وينجن ۾ تبديل ٿين ٿا. مثال طور، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي ڇهين درجي جي سنڌي نصابي ڪتاب جي صفحي 48 تي تنوير عباسي جي نظم ”صبح ناهي دور ساٿي“ ۾ لمبي رات وهامي ويندي.“(11) به ل +م+ب+ي جي بدران ل+ن+ب+ي (لنبي) هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته لنبي لفظ جو ڌاتو يا بنياد جهمٽ مل نارومل وسڻاڻيءَ (12) لنب لکيو آهي، جنهن مان پوءِ لنبي، لنبو، لنبائي، لنباڻ وغيره جا لفظ نڪتا آهن. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي تحقيق لغات (13) ۾ لنبو جو بنياد (سن) لنب لکيو آهي. ساڳئي ڪتاب جي صفحي 38 تي ”گمبٿ “جو لفظ لکيل آهي، جنهن جي صورتخطي به ”ميم“ سان لکيل آهي. حقيقت ۾ اها صورتخطي به ”گ“ ۽ ”ب“ جي اثر سبب ”نون“کي ”ميم“ ۾ تبديل ڪري ٿي جنهن جو اُچار گ+م+ب+ٿ هجي ۽ درست صورتخطي گ+ن+ب+ٿ (گنبٿ) هجڻ گهرجي. انهيءَ لفظ جي صورتخطيءَ جي غلط هجڻ جا تمام گهڻا مثال موجود آهن. مثال: نينهن جا نعرا (14)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ص 25، يادن جو قيد (15) ص 8، 9، 10، 11، 12 تي آيل آهي، وڪريل وجود (16) ص 9. گنبٽ لفظ جي صورتخطي سچل جو پيغام (17) ۾ شڪايت جوڳي آهي. جامع لغات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان (18) گنبٽ جون ٻئي صورتون ڏنيون آهن، جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي وڏي دستاويز ته ماهي مهراڻ (19) جي ص 347 تي چمبڙ لفظ جي صورتخطي ٻه چ+ن+ب+ڙ "چنبڙ" هجڻ گهرجي ها. ساڳئي رسالي جو حوالو ڊاڪٽر الانا(20) ڏنو آهي، ان ۾ "گمپيرتا" لفظ به درست لکيل نه آهي، جنهن جي صورت به ڳ+ن+ڀ+ي+ر+ت+ا "ڳنڀيرتا" هجڻ گهرجي ها. بهرحال اِدغام جي انهن حقيقتن جي سامهون اچڻ ڪانپوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو، ته اهڙا سمورا لفظ جنهن ۾ "نون" ڪان پوءِ "ب، ٻ، ڀ" جا آواز اچن، تن جا اچار "ميم" سان ٿيندا ۽ صورتخطي "نون" لکڻ گهرجي، انهيءَ ڏس ۾ لسانيات جا ماهر ڪوشش ڪري مقرر صورتخطيءَ جي سفارشڪن ته بهتر آهي.

## نتيجا:

- سنڌي ٻوليءَ ۾ ادغام ٻن نمونن سان استعمال ۾ اچي ٿو:
  1. هم آوازن يا هم جنس ٿيندڙ اکرن کي حذف ڪرڻ سان.
  2. ڪنهن لفظ ۾ موجود پهرئين ۽ پوئين آواز جي اثر سان هڪ ٽئين آواز جي پيدا ٿيڻ سان.
- نتيجي ۾ موجود ٻئي نمبر جي اِدغام واري نموني ۾ لفظ جو اُچار "ميم" سان ۽ صورتخطي "نون" سان ٿيندي.
- اِدغام ٻوليءَ جي صرفي خوبيءَ کي ظاهر ڪري ٿو.
- اِدغام جي اصول سان لفظن جي صورتخطيءَ جون نيون صورتون جڙن ٿيون.
- اِدغام شاعريءَ جي صنفن ۾ موسيقيت جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو.
- انهيءَ ڏس ۾ لسانيات جي ماهرن کي صورتخطي مقرر ڪرڻ گهرجي.
- مختلف ٻولين ۾ اُچارن جا مسئلا موجود آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مرتب: جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جلد 1، ص: 125، سال 1995ع.
2. وڪيپيڊيا فري انسائيڪلوپيڊيا ائنڊ ڊڪشنري، ڪئمبرج يونيورسٽي پريس.
3. ساڳيو نمبر 2
4. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، شارح ۽ مرتب: شاهه جو رسالو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: 267، 268، سال 1996ع.
5. شيخ، واحد بخش، سنڌي ٻولي جو صرف ۽ نحو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: 26، سال 2006ع.
6. نقوي، سيد نجف علي ڪمتر، ٻاروچي ٻولي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ص: 211، سال 1984ع.
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ص: 122، سال 2005ع.
8. ساڳيو نمبر 7، ص: 227.
9. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، علم الانسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ص: 82، سال 1996ع.
10. ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ لسانيات کان سماجي لسانيات تائين، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص: 46، سال 1998ع.
11. ولي رام ولڀ، ايڊيٽر: ڇهين درجي جو نصابي ڪتاب، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو، ص: 48، سال 2007ع.
12. وسڻاڻي، جهمٽ مل نارومل، وئٽپتي ڪوش، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص: 63، سال 1978ع.
13. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، تحقيق لغات، شاهه محمد عباسي نزديڪ پي وي اسڪول لاڙڪاڻو، ص: 312، سال 1963ع.
14. حامي عطا محمد، ڊاڪٽر، نينهن جا نعرا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ص: 25، سال 1992ع.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

15. چنا، لالڻ، يادن جو قيد، شاعري، سنڌي ادبي سنگت هالاڻي، ص: 8........12، سال 2002ع.
16. لاڪاڻي، نظر، وکريل وجود، شاعري، سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپور، ص: 9 سال 2002ع.
17. ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، سچل جو پيغام، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص: 22-37، سال 2002ع.
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جلد 1 ص: 2339، جلد 4، ص: 2345، سال 1988ع.
19. شيخ، نفيس احمد، ايڊيٽر، ٽه ماهي مهراڻ 3-4، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص: 347، سال 2007ع.
20. ساڳيو نمبر 7 ص: 227.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair